
# ڪربلا وارن جو
# ڪرم ڀريو انداز

**28-09-2017**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# كربلا وارن جو كرم پريو انداز

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندو اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

حضرتِ سَيدُنا اُبَيّ بن ڪعْب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: ”يا رَسُولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مان دُرُود جي ڪثرت ڪندو آهيان، مان اوهان ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي دُرُود پڙهڻ جي لاءِ ڪيترو وقت مُقرَّر ڪيان؟ "فرمايائون: "جيترو چاهيو

ڪيو.“ مون عرض ڪيو: ”چوٿائي؟“ فرمايائون، "جيترو چاهيو ڪيو پر جيڪڏهن وڌيڪ دُرودِ پاڪ پڙهندؤ تہ بهتر آهي. "مون عرض ڪيو: نِصف؟“ فرمايائون: ”جيترو چاهيو پڙهو، پر وڌيڪ پڙهندؤ تہ بهتر آهي.“ مون عرض ڪيو، ”مان سمورو وَقت اوهان تي دُرودِ پاڪ پڙهندو رهندس.“ فرمايائون، ”پوءِ تہ اهو عمل توهان جي پريشانين کي ڪفايت ڪندو ۽ توهان جي مَغفِرت جو سبب بڻجي ويندو. (مستدرک،کتا ب التفسیر،باب اکثر واعلیّ الصلٰوۃ...الخ،۳/ ۱۹۸،حدیث:۳۶۳۱)

دُور ہو جائیں دنیا کے رنج و اَلم ہو عطا اپنا غم دیجئے چشمِ نم
مال و دولت کی کثرت کا طالب نہیں تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻِئي گوڏا وِڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره

لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ چڙٻ ڏيڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَـي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مُحَرَمُ الحَرام جو مهينو اسان جي وچ ۾ جاري ۽ ساري آهي، اهو مهينو هر سال اسان کي شُهداءِ ڪربلا جي ۽ خاص ڪري نواسهِ رسول، سَيدُ الشُّهداء، اِمامِ عالي مقام حضرت سَيدُنا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي ياد ڏياريندو آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ کان صديون اڳ ۾ اکهٺ (61) هجري تي تاريخِ اسلام ۾ حق ۽ باطل جي وچ ۾ هڪ عظيم جنگ ٿي، جنهن کي **واقعهِ ڪربلا** جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي، هن معرِڪي ۾ شُهداءِ ڪربلا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم جي استقامت ڀري انداز تمام اهلِ حق کي باطل اڳيان جهڪي بيهڻ ۽ ضرورت پوڻ تي دينِ اسلام جي خاطر جان جو نذرانو پيش ڪرڻ جو عظيمُ الشّان سبق ڏنو. جيڪڏهن سُلطانِ ڪربلا، حضرت سَيدُنا اِمامِ عالي مقام، اِمام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه چاهن ها ته يزيدين کي تباھ ۽ برباد ڪري سگهيا ٿي پر اِستِطاعَت ۽ قدرت جي باوجود رت جي پياسن تي به ڪرم نوازي ڪئي ۽ جنگ ۾ اڳرائي نه ڪيائون بلڪ پاڻ آخري وقت تائين انهن کي سمجهائيندا رهيا ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي عذاب کان ڊڄاريندا رهيا. ميدانِ ڪربلا ۾ حُجّت پوري ڪرڻ جي لاءِ حضرت سَيدُنا امام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه پنهنجي گهوڙي تي سُوار ٿي يزيدي لشڪر ڏانهن رُخ ڪيائون ۽ جيڪو ڪجھ فرمايائون، ان مان هر هر

www.dawateislami.net

لفظ ڪرم نوازي تي مشتمل هو. جيئن پاڻ ارشاد فرمايائون: اي انسانو! منهنجي ڳالھ ٻڌو ۽ جلد بازي جو مُظاهرو نہ ڪريو، ايستائين جو مان توهان کي ان شيء جي باري ۾ نصيحت نہ ڪيان، جيڪا مون تي لازِم ٿي چڪي آهي ۽ پنهنجي اچڻ جو عُذر بيان نہ ڪيان، پوءِ جيڪڏهن توهان منهنجو عُذر قبول ڪريو، منهنجي ڳالھ جي تصديق ڪريو ۽ منهنجي باري ۾ اِنصاف سان ڪم وٺو تہ توهان هن معاملي ۾ بامُراد ٿي ويندو ۽ توهان ڪان منهنجي باري ۾ ڪو مُواخَذو (يعني سوال) بہ نہ ٿيندو. ها! جيڪڏهن توهان منهنجو عُذر قبول نٿا ڪريو تہ ٻڌو! پوءِ هي آيتون سڳوريون تلاوت ڪيائون:

فَاَجْمِعُوْۤا اَمْرَكُمْ وَ شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ اَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوْۤا اِلَيَّ وَ لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿۷۱﴾ (پ۱۱،يونس:۷۱)

**ترجموڪنز الايمان :** پوءِ توهان سمورا پنهنجي ڪوڙن معبُودن سميت پنهنجو ڪم پڪو ڪيو تہ پوءِ توهان جي ڪم ۾ ڪابہ ڳُجھ توهان تي نہ رهي پوءِ جيڪو ٿي سگهيوَ مُنهنجي واسطي فيصلو ڪيو ۽ مُون کي مُهلت نہ ڏيو.

اِنَّ وَلِيَّ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ۖ وَ هُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۹۶﴾ (پ۹،الاعراف:۱۹۶)

**ترجموڪنز الايمان:** بيشڪ مُنهنجو والِي الله آهي، جنهن ڪِتاب لاٿو ۽ اُهو نيڪن کي دوست رکندو آهي.

پوءِ پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي حَمد ۽ ثنا ڪرڻ بعد (اُنهن يزيدين کي) فرمايائون: توهان منهنجي نِسبَت جي باري ۾ غور ڪريو تہ مان ڪير آهيان...؟، ڇا توهان جي لاءِ منهنجو قتل جائز ۽ دُرُست آهي...؟ ڇا مان توهان جي نبي جو ڏوهٽو نہ آهيان...؟ ڇا سَيدُ الشُّهداء حضرت سَيدُنا حمزه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه منهنجي والد جا چاچا نہ آهن ...؟ ڇا حضرت سَيدُنا جعفر طيار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه منهنجا چاچا نہ آهن...؟ ڇا توهان تائين منهنجي ۽ منهنجي ڀاءُ جي باري ۾ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو هي ارشاد ناهي پهتو تہ توهان ٻئي جنّت جي نوجوانن جا سردار آهيو...؟ تہ جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهہ جي تصديق ڪريو (تہ ٻڌي وٺو) تہ حق اهو آهي، چاڪاڻ تہ مون ان وقت کان ڪوڙ ناهي ڳالهايو، جڏهن کان مون کي معلوم ٿيو آهي تہ ڪوڙ الله عَزَّوَجَلَّ کي سخت ناپسند آهي ۽ جيڪڏهن توهان مون کي نٿا مڃو تہ حضرت سَيدُنا جابِر بن عبدُ الله، ابوسعيد، سَهل بن سَعْد، زيد بن اَرْقَم يا اَنَس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھم اَجۡمَعِین کان پڇي وٺو، چاڪاڻ تہ انهن سيني رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان (منهنجي باري ۾) هي فضيلتون ٻڌيون آهن. ڇا منهنجي هن نصيحت ۾ توهان جي لاءِ ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي جيڪا توهان کي منهنجو رت وهائڻ کان روڪي سگهي...؟ پوءِ پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن توهان کي منهنجي ڳالهہ ۾ يا منهنجي باري ۾ نبي جو ڏوهٽو هئڻ ۾ ڪو شڪ هجي تہ خُداعَزَّ وَجَلَّ جو قسم! اوڀر ۽ اولهہ ۾ منهنجي علاوه توهان ۾ يا توهان جي علاوه ڪنهن ٻي قوم ۾ ڪو نبي جو ڏوهٽو موجود ناهي. ٿورو ٻڌايو تہ سهي ڇا، توهان کي مون سان پنهنجي ڪنهن مقتول جو بدلو طَلَب ڪرڻو آهي يا مون توهان جو مال ضائع ڪيو آهي جو ان جي بدلي مال چاهيو ٿا يا پوءِ پنهنجن زخمين جو قِصاص دَرڪار آهي (آخر ڪهڙي شيءِ جو بدلو چاهيو ٿا)...؟ اهي بَد بَخت خاموش رهيا، پاڻ فرمايائون: اي شَبَث بن رِبعي، اي حَجّار بن اَبجَر، اي قَيس بن اَشعَث، اي زيد بن حارِث! ڇا توهان ماڻهن ئي مون کي خطَ لکي نہ گهرايو هو؟ اهي بلڪل قِري ويا ۽ چيائون: اسان تہ ائين نہ ڪيو هو. پاڻ فرمايائون: ڇو نہ، خُدا عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! توهان ئي تہ ائين ڪيو هو. پوءِ فرمايائون: اي انسانو! جيڪڏهن توهان منهنجي بَيعت ڪرڻ پسند نٿا ڪيو تہ مون کي ڇڏي ڏيو تہ جيئن مان ڪنهن محفوظ جڳهہ هليو وڃان. بد نصيب قَيس بن اَشْعَث چيو: اوهان اِبنِ زِياد جي حڪم اڳيان سرِ تسليم خَم

ڪيو (تہ اوهان کي ڇُوٽڪارو ملي سگهي ٿو) پاڻ فرمايائون: الله عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! مان هر گز ان جي بَيعت نہ ڪندس.الله جا ٻانهو! مان پنهنجي ۽ توهان جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ وٺان ٿو، ان کان جو توهان مون کي سنگسار ڪيو. مان پنهنجي ۽ توهان جي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي پناهہ گهران ٿو، هر ان مُتَڪبّر کان جيڪو حِساب جي ڏينهن تي يقين نٿو رکي. (الكامل فى التاريخ، سنة احدى وستين، ذكر مقتل الحسين، ۴۱۸/۳-۴۱۹ملتقطا وملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدبخت يزيدين نصيحت تي مشتمل سندن جي ڪريماڻي انداز جو جواب سخت اذيتون ۽ تڪليفيون پهچائي ڏنو، پر اوهان کي گهڻيون مصيبتون بہ حق کان نہ هٽائي سگهيون ۽ سندن عزم ۽ استقلال ۾ ڪا بہ ڪمي نہ آئي، حق ۽ صداقت جو حامي مصيبتن جي خوفناڪ ڪڪرن کان نہ ڏڪا ۽ مصيبتن جي طوفان واري سيلاب سان بہ سندن جي ثابت قدمي ۾ ڪو فرق نہ آيو، دِين جو شيدائي دنيا جي آفتن کي خيال ۾ نہ آندائين. جيڪڏهن پاڻ يزيد جي بيعت ڪن ها تہ هو تمام لشڪر سندن قدمن ۾ هجي ها، سندن احترام ڪيو وڃي ها، خزانن جا منهن کوليا وڃن ها ۽ دولتِ دنيا قدمن تي لٽائي وڃي ها، پر جنهن جي دل حُبِّ دنيا کان خالي هجي ۽ دنيا جي ناپائيداري جو راز جنهن تي واضح هجي، هو دنيا جي نمائشي رنگ ۽ رُوپ تي ڇا نظر وجهندو.

حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه راحتِ دنيا جي منهن تي ٺوڪر هڻئي ۽ راهہ حق ۾ پهچڻ وارين مصيبتن جو خوش دلي سان استقبال ڪيائون ۽ ايتري قدر آفتن ۽ مصيبتن جي باوجود يزيد جهڙي فاسقِ مُعْلن(يعني اعلانيہ گناهہ ڪرڻ واري) شخص جي بيعت جو خيال بہ پنهنجي قلبِ مبارڪ ۾ نہ اچڻ ڏنو، پنهنجو گهر لُٽائڻ ۽ پنهنجو رت وهائڻ منظور ڪيو، پر مسلمانن جي تباهي ۽ بربادي پسند نہ ڪئي ۽ اسلام جي عزت تي حرف نہ اچڻ ڏنو، خدا جو

قسم!ميدانِ ڪربلا ۾ ڪربلا وارن جو اسلام جي خاطر پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪرڻ، باقي دُنيا جي مسلمانن جي لاءِ تمام وڏي ڪرم نوازي هئي. ان جي علاوه بہ هنن حضرات جي ڪردار جا ڪوڙ پهلو مسلمانن جي لاءِ قابلِ تقليد نمونا آهن، اچو اڄ جي بيان ۾ عفو ۽ درگُذر، مهمان نوازي ۽ مسلمانن جي خير خواهي وغيره بابت "**ڪربلا وارن جو ڪرم پريوانداز**" ٻڌون ٿا.

## ڪريم هجي تہ اهڙو

هڪ ماڻهو وٽ ويهہ (20)يا ٽيهہ (30) اُٺ هئا، پر هو انهن جي ڪاڻ پيئڻ جو ڪو اِنتِظام نہ پئي ڪري سگهيو، ڪنهن شخص ان کي حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ جو مشورو ڏنو، تنهنڪري هو شخص پنهنجي مُراد ڪٽي نڪري پيو. جنهن وقت هو حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي بارگاهہ ۾ پهتو تہ پاڻ پنهنجن نوڪرن سان گڏ ماني کائڻ ۾ مصروف هئا، ان دل ۾ سوچيو تہ شايد هي مون کي کائڻ ۾ شريڪ نہ ڪن. اجا هو اهو سوچي ئي رهيو هو جو پاڻ ان تي شفقت ڪندي ارشاد فرمايائون: اچو! اسان سان گڏ ماني کائو. پوءِ ان شخص گڏ ماني کاڌي. اوهان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کائڻ کان پوءِ پاڻ هٿ ڌوتائون ۽ ان ڏانهن متوجهہ ٿي ان جي حاجت معلوم ڪئي، حاجت ٻڌي ارشاد فرمايائون: پنهنجا اُٺ وني اچو! هن هنڌان پنهنجن اُٺن کي ڪارايو. ان سندن جي ڪرم نوازي ڏني تہ بي اختيار چوڻ لڳو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اها جي سخاوت بي مثال آهي.

(موسوعة ابن ابی الدنيا،مکارم الاخلاق،۵۱۲/۳ مفهوماً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي ڪرم نوازي جي ڇا ڳالهہ ڪجي، ڪڏهن پاڻ ڪنهن جي مشڪل حل ڪندا هئا، ڪڏهن ڪنهن غريب جي حاجت پوري ڪندا هئا، ڪڏهن ڪنهن مسافر کي

نوازيندا هئا تہ ڪڏهن ڪنهن جي مجبوري ۽ بي وسي جو ذڪر ٻڌي ان جي امداد جي لاءِ تيار ٿيندا هئا، جيئن تہ سخاوت جو عظيم وَصف اوهان کي پنهنجي پياري نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽان وراثت ۾ مليو هو جيئن تہ نبي اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي دادلي ڏوهٽي جي باري ۾ خود ارشاد فرمايائون تہ حسين منهنجي جرئت ۽ سخاوت جو وارث آهي. (معجم كبير،زينب بنت ابى رافع عن فاطمه،۴۲۳/۲۲،حديث:۱۰۴۱ملتقطا) تنهنڪري پاڻ جُود ۽ سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، اچو! سندن ڪرم ڀري سخاوت بابت 2 وڌيڪ حڪايتون ٻڌون ٿا:

## (1) هڪ هڪ هزار دينار جون پنج ڳوٿريون

هڪ ڀيري حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿي پنهنجي تنگدستي ۽ فقر فاقي جي شڪايت ڪئي. پاڻ فرمايائون: ٿوري دير ويهي رهو! اسان جو وظيفو اچڻ وارو آهي، جيئن ئي وظيفو پهچندو، اسان اوهان کي موڪل ڏينداسين. اجا ڪجهہ ئي دير گذري هئي جو حضرت سيدنا ا ميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي طرفان هڪ هڪ هزار دِينار (يعني سوني سڪن) جون پنج (5) ڳوٿريون سندن بارگاهہ ۾ پيش ڪيون ويون. قاصد عرض ڪيو: حضرت سيدنا اميرِ مُعاوِيہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ معذرت ڪئي آهي تہ اها ٿورڙي رقم آهي، ان کي قبول فرمائي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو.

حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اها سڄي رقم ان غريب شخص جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ ان ڪرم نوازي جي باوجود دير ٿيڻ تي معذرت ڪئي. (كشف المحجوب ،باب فى ذكر آئمتهم من اہل البيت،ص۷۷)

يا شَہید کربلا فریاد ہے نورِ چشمِ فاطمہ فریاد ہے
ہے مِری حاجت میں طیبہ میں مروں اے مرے حاجت رَوا فریاد ہے
مفلس و ناچار و خَستہ حال ہوں مَخزنِ جُود و عطا فریاد ہے
بخت کی ہیں جس قدر بھی گُتّھیاں سارِی سُلجھا دو شہا! فریاد ہے

## (2) ٻڪرار کي نوازي ڇڏيائون

هڪ ڀيري نواسہ مصطفيٰ،جگر گوشہ شيرِ خدا حضرت سيدنا امام حُسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هڪ ٻڪرار وٽان گُذر ٿيو جيڪو ٻڪريون چاري رهيو هو، اهو ٻڪرار اوهان وٽ حاضر ٿيو ۽ تحفي طور هڪ ٻڪري سندن خدمت ۾ پيش ڪئي، پاڻ ان کان پڇيائون تہ توهان آزاد آهيو يا غلام؟ ان عرض ڪيو: حضور! مان غلام آهيان. پاڻ اها ٻڪري ان کي واپس موٽائي ڏني. ان عرض ڪيو: حضور! اها منهنجي پنهنجي ٻڪري آهي تہ پاڻ اها ٻڪري قبول ڪئي. پوءِ پاڻ ان غلام کي رِڍن ٻڪرين سميت ان جي آقا کان خريدي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ رِڍون ٻڪريون ان کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيون.

(مصنف ابن ابی شیبہ،کتاب البیوع والاقضیة،باب فی الرجل یهدی الرجل الخ، ۳۸۹/۵، حديث: ۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا امام حُسَين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سخاوت جي ڪرم ڀري انداز جي باري ۾ اسان ٻڌو، اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ سخاوت جهڙي عظيم صفت پنهنجي اندر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ پنهنجي وس آهر پنهنجي پريشان حال مسلمان ڀائرن جي مدد ڪريون، حديثِ پاڪ ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش کان سِوا ڪا ڇانو نہ

هوندي، ٽي (3) شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو، يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪير شخص هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) جنهن منهنجي ڪنهن اُمّتي جي پريشاني دور ڪئي هوندي (2) جنهن منهنجي سُنّت کي زنده ڪيو هوندو، (3) ۽ جنهن مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا. (بستان الواعظين،مجلس فى قوله تعالى ان اللہ وملٰئكته...الخ ،ص۲۶۱-۲۶۰) تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ جيڪو مال الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عطا فرمايو آهي ان جي ذريعي پنهنجن عزيزن، رشتيدارن ۽ غريبن سان خيرخواهي ڪريون. اڇو سخاوت جو جذبو دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ سخاوت ۽ صدقي جي باري ۾ ٽي (3) فرمانِ مصطفيٰ پڙهون ٿا:

## سخاوت ۽ صدقي جي باري ۾ ٽي فرمانِ مصطفيٰ

(1) سخي انسان، الله عَزَّ وَجَلَّ جي، جنّت جي ۽ ماڻهن جي ويجهو آهي ۽ دوزخ کان پري آهي.(ترمذی،کتاب البر و الصلة،باماجاء فی السخاء،۳/۳۸۷، حديث:۱۹۶۸)

(2) ٽي ڳالهيون اهي آهن جن تي مان قسم کڻي سگهان ٿو ۽ ان مان هڪ ڳالهہ جي مان توهان کي خبر ڏيان ٿو ان کي ياد رکو تہ ڪنهن بانهي جو مال صَدَقَو ڪرڻ سان گهٽ ناهي ٿيندو. (مسند احمد، حديث ابي كبشة الانماري رضي الله عنه، ۶/۲۹۸، حديث:۱۸۰۵۳، ملتقطا)

(3) نماز (ايمان جو) دليل آهي ۽ روزو (گناهن کان) روڪ آهي ۽ صدقو خطائن کي اهڙي طرح متائيندو آهي جيئن پاڻي باهہ کي.

(ترمذي،كتاب السفر، باب ما ذُكِر في فضل الصلاة،۲/۱۱۷، حديث:۶۱۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ميدانِ ڪربلا ۾ ڪربلا وارن کي ڪيتري قدر مشڪلات کي منهن ڏيڻو پيو پر ان مشڪل گهڙين ۾ به انهن مبارڪ هستين پنهنجي ڪريماڻي انداز ۾ ڪا تبديلي نه اچڻ ڏني بلڪ ان سخت حالتن ۾ ظاهري بي سروسامان جي باوجود به پنهنجي سخاوت جا دريا وهائيندا رهيا، اچو ان سلسلي ۾ حضرت سَيدَتُنا زينب بنتِ شيرِخدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي ڪرم نوازي جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

## انوکي سخاوت

**واقعه ڪربلا** کان پوءِ اهلِ بيت کي مديني پاڪ تائين پهچائڻ جي لاءِ جنهن شخص کي مقرر ڪيو ويو هو، اهو گهڻو نيڪ دل هو، ان سڄي واٽ اهلِ بيت جي ضرورتن جو خيال رکيو ۽ انهن سان نرمي ۽ حسنِ سُلوڪ سان پيش آيو، جڏهن هي قافلو مديني پاڪ پهچي ويو ته شهزاديِ شيرِ خدا حضرت سَيدَتُنا زينب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي ننڍي ڀيڻ فاطمه بنتِ علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا انهن کي عرض ڪيو: هن شخص سڄي سفر ۾ اسان جو خوب خيال رکيو آهي، اسان کي به ان کي ڪجهه نه ڪجهه انعام ڏيڻ گهرجي.حضرت سَيدَتُنا زينب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمايو ته اسان هن شخص کي صرف پنهنجو زيور ئي پيش ڪري سگهون ٿيون. پوءِ ٻنهي شهزادين پنهنجا ڪنگڻ وغيره لاهي ان کي ڏئي ڇڏيا ګڏوګڏ معذرت پڻ ڪئي (ته ان جي علاوه اسان وٽ ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه به ناهي)، ان شخص اهو تمام سامان واپس موٽائي ڇڏيو ۽ عرض ڪيو:جيڪڏهن مان اها خدمت ګذاري دنيوي مفاد جي لاءِ ڪئي هجي ها ته يقيناً ان انعام تي مون کي خوشي ٿئي ها، پر مون ته اها خدمت صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي خُوشنودي ۽ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان اوهان جي قرابت داري جي ڪري ڪئي آهي.

(الکامل فی التاريخ،ج۳،ص۴۴۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته اهلِ بيتِ اطهار جي ڪرم نوازي ڪيتري قدر اعليٰ درجي جي هئي جو حضرتِ سَيِّدَتُنا زينب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا عقيدت جو اظهار ڪرڻ ۽ اهلِ بيت سان حسنِ سُلوڪ سان پيش ايندڙ کي نه صرف پنهنجا زيور عطا ڪيا بلڪ ان ڳالهه تي ان کان معذرت جو اظهار به ڪيائون ته ان جي علاوه توهان کي ڏيڻ جي لاءِ اسان وٽ وڌيڪ ڪا شيءِ نه آهي، انهن مبارڪ هستين جي روشن ڪردار سان اسان کي اهو درس ملي ٿو ته جيڪڏهن ڪو شخص اسان سان چڱو ورتاءُ ڪري ته بدلي ۾ اسان کي به ان جو شڪريو ادا ڪندي ان سان سنو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي ،حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنۡ لَّمۡ يَشۡكُرِ النَّاسَ لَمۡ يَشۡكُرِ الله يعني جيڪو ماڻهن جو شڪر ادا نٿو ڪري اهو الله عَزَّ وَجَلَّ جو به شڪر گُذار ناهي هوندو. (ترمذي،كتاب البر والصلة، باب ماجاء في الشكر...الخ، ٣/ ٣٨٤،حديث: ١٩٦٢)

هن حڪايت مان اسان کي هي مدني گل به حاصل ٿيا ته الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان پنهنجي سچي محبت جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ اسان کي به پنهنجي دل ۾ اهلِ بيت جي عقيدت ۽ محبت جو ڏيئو روشن رکڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته محبتِ اهلِ بيت، دُنيا ۽ آخرت جون سعادتون حاصل ٿيڻ جي علاوه شفاعتِ مُصطَفٰي حاصل ٿيڻ جو به ذريعو آهي جيئن ته مُصطَفٰي جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص وَسِيلو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ اهو چاهي ٿو ته منهنجي بارگاهه ۾ ان جي ڪا خدمت ٿئي، جنهن سبب مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪيان، ان کي گهرجي ته منهنجي اهلِ بيت جي خدمت ڪري ۽ اُنهن کي خُوش ڪري. (برڪاتِ آل رسول، ص ١١٠)

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڪيتري قدر خُوش قسمت آهي اهو مسلمان جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آلِ پاڪ جي خوشي جو سبب بڻجي. اچو! اهل بيتِ اطهار جي فضيلتن تي مشتمل وڏيڪ 3 فرمانِ مصطفيٰ پڙهون ٿا :

(1) ارشاد فرمايائون: جيڪو منهنجي اهلِ بَيت مان ڪنهن سان سٺو سُلوڪ ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن ان کي ان جو صِلو عطا ڪندس. (جامع صغِير،حرف الميم، ص ۵۳۳، حديث: ۸۸۲۱)

(2) ارشاد فرمائِون: جيڪو شخص اولادِ عبدُ المُطَّلِب مان ڪنهن سان دنيا ۾ نيڪي (ڀلائي) ڪندو، ان جو صِلو ڏيڻ مون تي لازِم آهي جڏهن هو قيامت جي ڏينهن مون کان ملندو. (تاريخ بغداد ،حرف الميم من آباء العبادلة،۱۰ /۱۰۲،حديث:۵۲۲۱)

(3) ارشاد فرمايائون: تارا آسمان وارن جي لاءِ امن جو سبب آهن ۽ منهنجا اهلِ بيت منهنجي اُمت جي لاءِ امن جو سبب آهن. (کنزالعمال،کتاب الفضائل، باب اہل البيت،جز ۱۲،۶ /۴۵،حديث:۳۴۱۵۰)

کيا بات رضاؔ اُس چمنستانِ کرم کی
زَہرا ہے کلی جس میں حُسین اور حسن پھول

مختصر وضاحت:اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن شعر ۾ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪري ائين ارشاد فرمائن ٿا، اي رضا ان ڪرم ۽ رحمت واري باغ جي ڇا ڳالهه آهي، جنهن باغِ رسالت جي ڪلي سيدةُ النّساء فاطمةُ الزهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ۽ سَيِّدَا شَبَابِ اَهلِ الْجَنَّة امامِ حسن ۽ امامِ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جنهن مهڪندڙ باغ جا گل هجن.

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح اهلِ بيتِ اطهار جي محبت دنيا ۽ آخرت ۾ نجات ماڻڻ ۽ شفاعت جو ذريعو آهي، ائين ئي هن پاڪ گهراڻي سان بغض ۽ عناد رکڻ هلاڪت جو سبب آهي. جيئن ته

حضور اڪرمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت علي، حضرت فاطمه ۽ حضراتِ حسنين ڪريمين رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم کي ارشاد فرمايائون: جيڪو توهان سان جنگ ڪندو مان ان سان جنگ ڪندس ۽ جيڪو توهان سان صلح ڪندو ان جي مون سان صلح آهي. (ترمذی، کتاب المناقب،باب فضل فاطمۃ، ۴۶۵/۵، حدیث:۳۸۹۶) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: خبردار! جيڪو شخص اهلِ بيت جي بغض ۽ عداوت تي مريو اهو قيامت جي ڏينهن هن حال ۾ ايندو جو ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکيل هوندو ته هي الله عَزَّ وَجَلَّ جي رحمت کان نااميد آهي ۽ خبردار ٿيو! جيڪو شخص اهلِ بيت سان بغض ۽ عداوت واري حالت تي مريو اهو ڪافر مريو ۽ ڪن کولي ٻڌي ونو! جيڪو شخص اهلِ بيت جي بغض ۽ عداوت تي مريو ان کي جنّت جي خوشبو به نصيب نه ٿيندي. (الشرف المؤبد،ص۱۰۵)

باغِ جنّت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اہلِ بیت

تم کو مژدہ نار کا اے دُشمنانِ اہلِ بیت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته اهلِ بيت سان بغض رکڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون سخت وعيدون آهن، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته هردم انهن جو

خُوب ادب ۽ احترام ڪريون ۽ اهلِ بيت سان عداوت ۽ دُشمني رکڻ وارن جي صحبت کان گهڻو پري رهون ڇاڪاڻ تہ صحبت ضرور رنگ آڻيندي آهي، جيڪڏهن سنن جي صحبت ملي تہ انسان ۾ چڱائي پيدا ٿي ئي ويندي آهي ۽ دل بہ گُناهن کان بيزار، نيڪين جو طلبگار ۽ بُزرگانِ دين ۽ اهلِ بيتِ اطهار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي محبت سان پرجي ويندو آهي ۽ ان جي برعڪس جيڪڏهن خدانخواستہ بُري صحبت ملي وڃي تہ انسان نہ چاهيندي بہ بُرائين ۾ مبتلا ٿي ئي ويندو آهي، تنهنڪري اولياء ۽ اهلِ بيت سان عقيدت ۽ محبت رکڻ وارن جي صحبت اختيار ڪئي وڃي تہ جيئن انهن جي صحبت جي برڪت سان اسان کي بہ انهن نيڪ هستين جو ادب ۽ احترام نصيب ٿئي، بدقسمتي سان اڄڪلهہ بُريون صحبتون ايتري قدر عام ٿي چڪيون آهن جو چڱي صحبت ملڻ مشڪل ٿي چڪي آهي، اهڙين حالتن ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول يقيناً الله عَزَّ وَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي جيڪو پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ جي عظيم مدني مقصد کي اڳيان رکندي ماڻهن کي گُناهن کان بچائڻ، نيڪين جي راهہ تي آڻڻ ۽ اُنهن کي اولياء ۽ اهل ِ بيتِ اطهار جي محبت گهوٽي پيئارڻ ۾ مصروفِ آهي، تنهنڪري اسان سيئي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردَم وابستہ رهون ۽ گُناهن کان نفرت، نيڪين جي رغبت ۽ اهلِ بيت جي سچي محبت پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ وقتاً فوقتاً دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ بہ سفر ڪريون بلڪ تمام اسلامي ڀائر، ڪربلا وارن جي ڪريماڻي انداز کي عقيدت جو نذرانو پيش ڪندي ڪربلا جي شهيدن ۽ قيدين جي اِيصالِ

ثواب جي نيت سان خاص ڪري عاشُوره (8.9.10 يا9.10.11 مُحَرَّمُ الحَرَام) جي مدني قافلن ۾ سفر جي لاءِ هينئر کان نيت ڪري وٺو، ان جون گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ۽ اهل بيتِ اطهار جي محبت ۾ اضافو ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ

اولیا کا کرم،تم پہ ہو لا جَرم     خُوب جلوے ملیں،قافلے میں چلو

اولیائے کرام ان کا فیضانِ عام     لوٹنے سب چلیں قافلے میں چلو

یا خدا ہرگھڑی رَٹ ہو عطار کی     قافلے میں چلیں قافلے میں چلو

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو     سیکھنے سُنتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رسالو"امام حسين جون ڪرامتون" جو تعارف

ڪربلا وارن جي محبت ۽ اُلفت دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ اميرِ اهلسنت،باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي" امام حسين جون ڪرامتون" جو مطالعو گهڻو فائدي مند آهي، هي رسالو امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي ولادت، سندن فضائل ۽ ڪمالات ۽ ڪرامتن جي علاوه يزيد ۽ يزيدين جي درد ناڪ انجام جي معلومات ۽ عاشوراء جي فضيلتن تي مشتمل انمول رِسالو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هي رسالو مڪتبةُ المدينہ تان هديةً حاصل ڪري پاڻ بہ ان جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ مجلس تراجم جي ڪوشش سان هن رسالي جو انگلش، هندي، سنڌي ۽ گجراتي سميت ڪل 7 زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي،دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ

www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي رِيڊ(يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ڪربلا وارن جي وڏيڪ ڪرماٽي انداز جي باري ۾ ٻڌون تا جيئن حق تلفي ڪرڻ واري کي معاف ڪرڻ ۽ در گذر سان ڪم وٺڻ بہ اهل بيتِ اطهار جي بي مثال ڪرماٽي انداز جو حصو آهي، معاف ڪرڻ نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تمام ئي پياري سنّت هئڻ سان گڏوگڏ دِيني ۽ دُنيوي اعتبار سان گهڻي ئي عُمده خصلت آهي،قرآنِ ڪريم ۾ عفو ۽ درگذر سان ڪم وٺڻ جو حڪم بہ ڏنو ويو آهي جيئن تہ سيپارو 9سورةُالاَعْراف جي آيت نمبر 199 ۾ الله عَزَّوَجَلَّجو ارشاد آهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾ (پ۹،الاعراف: ۱۹۹)

**ترجموڪنزالايمان:** اي محبُوب مُعاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائِي جو حُڪم ڏي ۽ جاهِلن کان مُنهن موڙ.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معافي جي برڪت سان پاڻ ۾ صلح جي فضا پيدا ٿيندي آهي، هڪ ٻئي جا مسئلا حل ٿيندا آهن، هڪ ٻئي ۾ ناراضگين جو خاتمو ٿيندو آهي، پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي ۽ دل ۾ بغض ۽ ڪيني جا جذبات پيدا ناهن ٿيندا. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ڪربلا وارن جي ڪرم ڀري انداز جي نقل ڪندي عفو ۽ درگُذر سان ڪم وٺون، ڪنهن مسلمان جو قُصور

معاف ڪرڻ سان معاف ڪرڻ واري جي عزّت گھٽ ناهي ٿيندي بلڪ ان ۾ اضافو ٿيندو آهي. جيئن

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ڪنهن کي معاف ڪرڻ جي ڪري الله عَزَّ وَجَلَّ (معاف ڪرڻ واري) ٻانهي جي عزّت ئي ۾ اضافو ڪندو آهي. (مسلم مُسلِم،كتاب البر... الخ،باب استحباب العفو و التواضع، ص،١٠٧١،حديث:٦٥٩٢) اچو! عفو ۽ درگُذر بابت ڪربلا وارن جي ڪريماڻي انداز جي باري ۾ ٽي (3) واقعا ٻڌون ٿا:

## (1) گاريون ڏيڻ واري کي دعائون ڏنيون

هڪ ڀيري عِصَام بن مُصطَلِق نالي ملڪ شام جو هڪ رهاڪو جيڪو مولاءِ ڪائنات حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه سان بغض رکندو هو، حضرت سَيدنا امامِ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي اڳيان انهن کي ۽ سندن والدِ محترم حضرت سيدنا علي المرتضي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کي ٻُرو ڀلو چوڻ لڳو. حضرت سَيدنا امامِ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ان کي چڙٻ ڏيڻ اُلجهڻ يا سخت ڪلام سان ڪا جوابي ڪاروائي ڪرڻ بدران اَعُوْذُبِالله ۽ بِسْمِ الله پڙهڻ بعد اهي مبارڪ آيتون تلاوت ڪيون:

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾ وَ اِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۰۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ﴿۲۰۱﴾ (پ٩،الاعراف: ١٩٩-٢٠١)

**ترجموڪنزالايمان:** اي محبُوب مُعاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائِي جو حُڪم ڏي ۽ جاهِلن کان مُنهن موڙ. ۽ اي ٻُڌندڙ جيڪڏهن شيطان توکي چُنگ ڏي تہ تُون الله جِي پناه گُهر بيشڪ اُهو ئِي ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ جيڪِي تقوىٰ وارا آهِن جڏهن اُنهن کي ڪنهن شيطانِي خيال جو ڏڪ لڳي تو تہ هوشيار ٿِي وڃن ٿا اُنهِيءَ وقت سندن اکيُون کُلِي وڃن ٿيُون.

پوءِ فرمايائون: پاڻ تي بار هلڪو رک ۽ مان اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ کان تنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ بخشش جو سوال ڪيان ٿو، ان جي علاوه پاڻ ان سان ايتري قدر عفو ۽ درگُذر، نرمي ۽ خوش اخلاقي سان پيش آيا جو ان جو بغض ۽ عداوت هڪ دَم محبت ۾ بدلجي ويو ۽ اهو هي چوڻ تي مجبور ٿي ويو وَمَا عَلَى وَجْهِ الْاَرْضِ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْهُ وَمِنْ اَبِيهِ يعني رُوءِ زمين تي حضرت سَيدُنا امام حسين ۽ انهن جي والد حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما کان وڌيڪ منهنجي نزديڪ ڪو محبوب نہ آهي. (تفسيرالبحر المحيط ،پ۹،الاعراف،تحت الاية:۱۹۹،۴/۴۴۶،تفسير قرطبی پ۹،الاعراف، ۲۵۰/۴، ملخصاً)

گالياں سُن کر دُعا دیتے ہو تم اے شہیدِ کربلا! تم پہ سلام
ہے فلاح کامرانی نرمی و آسانی میں ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

## (2) گارڊيندڙ سان خير خواهي

هڪ ڀيري امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي شهزادي حضرتِ سَيدُنا امام زينُ العابدين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کي ڪنهن گار ڏني تہ پاڻ (ڪاوڙ ۾ اچڻ ۽ انتقامي ڪاروائي ڪرڻ بدران) ان کي پنهنجو مُبارَڪ ڪُرتو ۽ **هڪ هزار درهم** ڏيڻ جو حڪم ڏنو. ڪنهن چيو: امام صاحب پنج (5) خَصلتون جمع ڪري ورتيون آهن: (۱) بُردباري (۲) تڪليف نہ ڏيڻ (۳) ڪنهن شخص کي اهڙي ڳالهہ سان بچائڻ جيڪا ان کي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ کان پري ڪندي (۴) ان کي توبہ ۽ شرمساري ڏانهن راغب ڪرڻ (۵) بُرائي کان پوءِ تعريف ڏانهن رجوع ڪرڻ. پاڻ معمولي دنيا سان گڏ هي تمام عظيم شيون خريد ڪيون. (احياء العلوم ، ۲۲۱/۳)

www.dawateislami.net

## (3) مون پنهنجي ڪاوڙ روڪي ورتي

هڪ ڀيري حضرت سيّدنا امام زين العابدِين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ٻانهِي وضو ڪرائي رهي هئي اتفاق سان پاڻي جو ڪؤنرو اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مٿان ڪري پيو ۽ جنهن سان چهرو زخمي ٿي پيو، جڏهن ان ڏانهن نگاهه ڪٽي ڏٺائون تہ اُن عرض ڪيو، اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو: وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ (۽ غصو پيئڻ وارا) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: مون پنهنجو غصو پي ڇڏيو، اُها وري چوڻ لڳي: وَ الْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ (۽ ماڻهن کي معاف ڪرڻ وارا) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: ربّ عَزَّوَجَلَّ تو کي معافي ڏي. اُها چوڻ لڳي: وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ (۽ احسان ڪرڻ وارا اللّٰه جا محبوب آهن) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: وڃ، تون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ آزاد آهين.

(ابن عساکر، ذکر من اسمه علی، علی بن الحسين بن علی بن ابی طالب، ۳۸۷/۴۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اهي حضرات ڪيترا نرم مزاج ۽ بُردبار هوندا هئا، ماڻهن جي غلطين تي انهن کي دابا ڏيڻ، ڇڙٻڻ ۽ انهن سان اٽڪڻ بدران انهن جي ڪوتاهين کي معاف ڪرڻ وارا هوندا هئا، اسان **ڪربلا جي جانثارن** سان محبت جي دعويٰ تہ ڪيون ٿا پر اسان کي ان تي بہ غور ڪرڻ گهرجي تہ ڇا اسان بہ ٻين جي غلطين کي معاف ڪيون ٿا يا انهن سان هڪدم بدلو وٺڻ، اِنتقامي ڪاروائي ڪرڻ جو جذبو دل ۾ جوش هڻڻ لڳي ٿو ۽ تڪليف پهچائيندڙ کي سر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جي لاءِ وڏي تڪليف پهچائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، ۽ ٻانهيءَ کي معاف ڪرڻ ۽ رِضاءِ الٰهي جي

لاءِ آزاد ڪرڻ بابت آخر ۾ جيڪا حڪايت ٻُڌي، ان ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ فڪر جي ڳالهه آهي جيڪي پنهنجن ملازمن سان انتهائي غير مناسب سلوڪ ڪن ٿا ۽ انهن جي معمولي غلطين تي انهن جي چنڊ پٽيندا آهن ۽ انهن جي حوصلہ شڪني ۽ دل آزاري ڪن ٿا، ان جي بدران اسان مان هر هڪ کي کپي تہ پنهنجي ماتحتن (تابع) سان حُسنِ اخلاق سان پيش اچون، انهن جي غلطين تي انهن کي پيار ۽ محبت سان سمجهايون ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضَا جي لاءِ انهن سان عفوءِدرگذر ڪريون، اِنْ شَآءَ اللهعَزَّ وَجَلَّ ان جون خوب خوب برڪتون ۽ رحمتون حاصل ٿينديون. **حديثن ۾ عَفو ۽ درگذر** جون گهڻيون فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن، اچو معاف ڪرڻ جي فضيلت جي باري ۾ احاديثِ مُبارڪ ٻڌون ٿا:

(1) حضرت سَيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان رِوايت آهي،رسول اللهصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جڏهن ماڻهو حساب جي لاءِ بيٺل هوندا تہ ان وقت هڪ مُنادي هي اعلان ڪندو تہ جنهن شخص جو اجر الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي آهي هو بيهي ۽ جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. پوءِ ٻيهر اعلان ٿيندو تہ جنهن جو اجر الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِمَّہ ڪرم تي آهي اهو اُٿي ۽ جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. پڇيو ويندو تہ اهو ڪير آهي جنهن جو اجر الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي آهي. منادي چوندو: انهن ماڻهن جو جيڪي ماڻهن (جي خطائن) کي معاف ڪرڻ وارا آهن. پوءِ ٽين ڀيري مُنادي اعلان ڪندو: جنهن جو اجر الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي آهي هو اُٿي ۽ جنّت ۾ داخل ٿي وڃي، تہ هزارين ماڻهو اُٿي بيهندا ۽ بِنا حِساب جي جنّت ۾ داخل ٿي ويندا. (معجم الاوسط، باب الالف، من اسمه احمد، ۵۴۲/۱، حديث: ۱۹۹۸ ملتقطا)

(2)… حضرت سيدنا اُبي بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي مديني جا سُلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عظيم الشان آهي: جنهن کي هي پسند هجي تہ ان جي لاءِ (جنت ۾) محل بڻايو وڃي ۽ ان جا درجات بلند ڪيا وڃن، ان کي کپي تہ جيڪو ان تي ظلم ڪري هي ان کي معاف ڪري ۽ جيڪو ان کي محروم ڪري هي ان کي عطا ڪري، ۽ جيڪو ان سان قطع تعلق ڪري هي ان سان ناطو (يعني تعلق) جوڙي. (مستدرک، کتاب التفسیر، شرح آیة: کنتم خیر امّة۔۔۔ الخ، ۱۲/۳، الحدیث: ۳۲۱۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن ڪو اسان کي بُرو ڀلو چئي يا اسان سان بُرو سلوڪ ڪري تہ **اهلِ بيت اطهار جي ڪريماڻي انداز** کي پيشِ نظر رکندي درگزرکان ڪم وٺون. الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي عفوءِدرگذر ڪرڻ جو جذبو نصيب فرمائي.اٰمين بِجاہ النَّبِي الْاَمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

عفو کر اور سدا کے لیے راضی ہو جا گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یا ربّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### ”صداءِ مدينہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهلِ بيت جي سچي محبت، عفو ۽ درگُذر جو جذبو، نيڪين جي رغبت ۽ گُناهن کان نفرت دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دَم وابستہ رهو، ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، انهن 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم روزانو ”صداءِ مدينہ لڳائڻ“ بہ آهي، دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي فجر

نماز جي لاءِ جڳائڻ ڪي ”صداء مدينہ لڳائڻ“ چيو ويندو آهي، اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ مَسجدن جي آباد ڪرڻ جي لاءِ هن مدني ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريون ۽ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيون.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! صداءِ مدينہ اهڙو پيارو مدني ڪم آهي جو جنهن ۾ اُخروي فائدن سان گڏوگڏ طِبّي ۽ دُنيوي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. اچو **صداءِ مدينہ لڳائڻ** جا دُنياوي فائدا ٻڌون ٿا .مثلاً

- صداءِ مدينہ جي برڪت سان صبح جي تازه هوا ملندي آهي .صداءِ مدينہ جي برڪت سان پيادل هلڻ نصيب ٿيندو، جيئن تہ پيادل هلڻ سان انسان صحت مند رهي ٿو.
- پيادل هلڻ سان انساني هاضمو درست رهي ٿو.
- پيادل هلڻ سان انسان مختلف بيمارين (مثلا هارٽ اٽيڪ ، فالج ، لقوه وغيره) سان بچي ويندو آهي .
- پيادل هلڻ سان هڏيون مضبوط ٿين ٿيون، پيادل هلڻ سان وزن اعتدال ۾ رهي ٿو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صداءِ مدينہ لڳائڻ (يعني نماز جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ) سُنَّتِ مُصطفيٰ ۽ سُنَّتِ صحابہ آهي، اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد تشريف وٺي ايندا هئا. (طبقات کبریٰ، ذکر استخلاف عمر، ۲۶۳/۳،مفہوماً) صداءِ مدينہ لڳائڻ جو ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون ملن ٿيون، هن جو اندازو هن مدني بهار مان لڳايو.

## سرڪار جن بارگاه ۾ گھرايو

نينگ موڙ (قصور، پنجاب پاڪستان) جي علائقي اِلٰہ آباد جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ته هئس پرمدني ڪمن جي سلسلي۾ سُستي جو شڪارهئس حُسنِ اتفاق سان محرم الحرام 1431 ھ بمطابق جنوري2010ءجو دعوتِ اسلامي جي ڊويزن مشاورت جي ذمہ دار اسلامي ڀاءُ سان ملاقات جو شرف مليو، جڏهن انهن کي منهنجي مدني ڪمن ۾ دلچسپي نہ وٺڻ جي خبر پئي تہ انفرادي ڪوشش ڪندي نہ صرف مدني ڪم ڪرڻ جو ذهن ڏنو بلڪ صداءِ مدينہ جي پابندي ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏياري (مسلمانن جي خير خواهي ڪندي انهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ”صداءِ مدينہ لڳائڻ“ چئبو آهي) ۽ هن باري ۾ انهن مون کي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو فرمان ”**صداءِ مدينہ ڏيڪاري مدينہ**“ بہ ٻڌايو.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجو ذهن بڻجي ويو ۽ مديني شريف جي حاضري جي اُميد تي ايندڙ ڏينهن کان مون ان تي عمل شروع ڪري ڇڏيو. صداءِ مدينہ ڇا لڳائڻ شروع ڪئي مون تي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿي ويو. منهنجا تہ ڄڻ ڀاڳ کلي ويا، قسمت جو تارو ائين چمڪيو جو انهيءَ سال مون کي بارگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حاضري جو شرف حاصل ٿي ويو. ۽ وڌيڪ ڪرم هي تہ صداءِ مدينہ جي برڪت سان منهنجي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سعادت نصيب ٿي وئي، دورانِ حج شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

سان بيعت ٿيڻ جو شرف بہ مليو ويو.شايد ھي مديني شريف جي حاضري ۽ ھڪ ولي ڪامل سان بيعت جي برڪت ھئي جو منھنجو ڀاءُ جيڪو ڀھريان نمازن جي ادائيگي ۾ سُستي جو شڪار ھو، پر ھاڻي تمام گناھن کان توبہ ڪري نيڪيون ڪرڻ لڳو آھي. باجماعت نماز جو اھتمام ڪرڻ لڳو آھي. ڏاڙھي شريف جي بہ نيت ڪئي آھي. حج تان موٽڻ جي گھٽ وڌ ٻن مھينن کان پوءِ جڏھن ھڪ عزيز جي شادي ۾ شريڪ ھئا، جڄ اچڻ ئي واري ھئي پر جيئن نماز جو وقت ٿيو سيني کي وڏي آواز سان نماز جي دعوت ڏني ۽ مسجد ڏانھن ھليا ويا. جڏھن وضو جي لاءِ وضو خاني تي پھتا تہ اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب ڪري پيا. نمازين اڳتي وڌي ڪنيو ۽ مسجد ۾ لِٽائي ڇڏيو. مسجد ۾ لِٽائيندي ئي سندن جو روح قبض ٿيو. اتي موجود سڀ ماڻھو ادي سائين جي ھن ايمان افروز وفات تي افسوس سان گڏ رشڪ ڪرڻ لڳا. (چمڪدار ڪفن ،ص۱۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي ۽ 12 مدني ڪمن ۾ دلچسپي ڪيتري قدر برڪت ڀري آھي، لھٰذا اسان کي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رھندي 12 مدني ڪمن ۾ شموليت ۽ سنّتن جي خدمت جي ذريعي پنھنجي دُنيا ۽ آخرت کي بھتر بڻائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گھرجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس جامعاتُ المدينہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي ھينئر تائين 103 کان وڌيڪ شعبن ۾ سُنّتن

جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو جامعةُ المدينہ بہ آهي، شيخِ طريقت، امِيرِ اَهلسنّتدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهجي دلي خواهش جي ڪري علمِ دِين کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي نگرانيءَ ۾ جامعةُ المدينہ جي سڀ کان پهرين شاخ 1995 ۾ نيوڪراچي جي عَلائقي گودهرا ڪالوني(بابُ المدينہ ڪراچي) ۾ کولي وئي ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هينئر تائين دُنيا جي مختلف ملڪن مثال طور پاڪستان، هند، جُنوبي افريقہ، انگليند، نيپال ۽ بنگلہ ديش وغيره ۾ جامعةُ المدينہ لِلْبَنِين (اسلامي ڀائرن جي لاءِ) ۽ لِلْبَنَات (اسلامي ڀينرن لاءِ) قائم آهن، جن ۾ هزارين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون عِلْمِ دِين حاصِل ڪري نہ صرف پنهنجي عِلمي طلب پوري ڪري رهيا آهن، بلڪ ٻين کي بہ فيضانِ عِلم سان مُنوّر ڪرڻ ۾ مصروف آهن. هنن جامعاتُ المدينہ جي خُصُوصِيت هي آهي تہ دِيني تعليم سان آراستہ ڪرڻ سان گڏوگڏ شاگردن جي اَخلاقي تَربِيت بہ ڪئي ويندي آهي تہ پوءِ اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي ٻارن کي جامعات المدينہ ۾ داخل ڪرائي انهن کي علمِ دين حاصل ڪرڻ جو مدني ذهن ڏيون، پاڻ بہ علمِ دين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان ڪربلا وارن جي ڪريماڻي انداز ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي

- **ڪربلا وارا** غُصّو ڪرڻ بدران غصو پيئڻ وارا، ماڻهن جي غلطين کي معاف ڪرڻ وارا ۽ سيني سان عفو ۽ درگذر جو معاملو ڪرڻ وارا هئا.

- ڪربلا وارا زمين ۾ فتني ۽ فساد کان بچڻ وارا ۽ امن ۽ سکون قائم ڪرڻ وارا هئا.
- ڪربلا وارا خُوب صدقو ۽ خيرات ڪرڻ وارا هئا.
- ڪربلا وارا الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ دِين اسلام جي سربلندي جي لاءِ پنهنجو سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ وارا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ گھرجي تہ اسان بہ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن پاڪيزه گهراڻي وارن جي سيرت ۽ ڪردار تي عمل ڪري دنيا ۽ آخرت کي روشن بڻايون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽خُوشنُودي حاصل ڪريون.

پئے حُسین و حَسَن فاطمہ علی حیدر ہمارے بگڑے ہوئے کام دے بنا یارَبّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مناسا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،۱/۹۷،حدیث:۱۷۵)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لباس جا مَدَني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سڀ کان پهريان فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحَظہ ڪيو: **ٽي فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ۞ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي ستر (اوگهڙ) وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ اللهِ چوي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 59 حديث 2504)) ۞ جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ پڙهي: اَلْحَمْدُلِلهِ الَّذِیْ كَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِحَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ تہ ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف ٿي ويندا. (ابوداؤد ج 4 ص 59 حديث 4023) ۞ جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي اللهُ عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ۞ خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لّلعٰلمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو . (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 36) ۞ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (ايضاً 41) ۞ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (ايضاً 43) ۞ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ۞ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبةالمدينہ** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي تہ دامن جي ڊيگهہ اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي

www.dawateislami.net

ڊيگھ وڌ مان وڌ اڳرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ بالشت هجي (رَدُّالْمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹) ۞ سنت هي آهي ته مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي (مراۃ ج۶ص۹۴) ۞ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي . ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ به هن ڳالهه جو لحاظ رکو ۞ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، دُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. (درمختار، ردالمحتارج 2 ص 93)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتون ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

شعر عاشقانِ رَسُول، آئيں سُنَّت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305